# مَحبت جو شهر

6-June-2024



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

6 جون، 2024ء (بمطابق 28 ذُوالقَعدة الحرام، 1445ھ) تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# مَحبت جو شهر

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ.....

* ... ڇا مدينو عرش کان به افضل آهي؟
* ... توريت شريف ۾ مديني جو ذڪر
* ... ملائڪن جي مديني سان محبت
* ... مديني جو غم ۽ مديني جو درد ڪيئن ملي؟

پيشڪش

اَلمَدِينَةُ العِلمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت ابو فضل قُومَسَاني رحمۃ اللہ علیہ تمام وڏا عاشقِ رسول ۽ نيڪ بُزرگ ٿي گذريا آهن، هڪ پيري خُراسان مان هڪ عاشقِ رسول سندن وٽ اچي چوڻ لڳو: الحمد لله! مان مسجدِ نبوي ۾ سُتل هيس، مون تي ڪرم ٿي ويو، عرش تي وڃڻ وارا، جنت جو سيرُ فرمائڻ وارا، آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم منهنجي خواب ۾ تشريف وٺي آيا. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ چپن کي حرڪت ٿي، رحمت جا گل ٽڙڻ لڳا، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جن فرمايو: جڏهن تون همدان (شهر) وڃين ته اَبو فضل قُومَسَاني کي منهنجو سلام چئجانءِ. مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم! انهن تي هن ڪرم جو ڇا سبب آهي؟ فرمايائون: هو روزانو مون تي 100 ڀيرا دُرود پڙهندو آهي.

سُبْحٰنَ الله! ڇا ته شان آهي ان بلند هستي جو جنهن کي نورِ خدا، امامُ الانبياء، محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سلام موڪليا آهن.

پيام لے کے جو آئی صبا مدینے سے | مریضِ عشق کی لائی دوا مدینے سے
ملے ہمارے بھی دِل کو جلا مدینے سے | کہ مہر و ماہ نے پائی ضیا مدینے سے

**وضاحت:** جِلا: مطلب: زندگي. ضِيا: مطلب روشني. يعني اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم! چنڊ ۽ سج کي جيڪا روشني ملي (آهي سا) مديني مان ئي ملي آهي...!! ڪاش! اسان غريبن جي دلين کي به زندگي ملي وڃي.

بهرحال! هي خراساني عاشقِ رسول نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جو نِياپو کڻي ڪري همدان (شهر) پهتو، حضرت ابو فضل قُومَساني رحمۃُ اللہِ عَلَیْہِ کي آقا جو سلام پهچايو، پوءِ پڇيائين: حضور! توهان ڪهڙو دُرودِ پاڪ پڙهندا آهيو، مونکي به ٻڌايو! ان تي حضرت ابو فضل قُومَساني رحمۃُ اللہِ عَلَیْہِ جن فرمايو: مان روزانو 100 ڀيرا هي دُرودِ پاڪ پڙهندو آهيان:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدِ ِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ جَزَى اللّٰهُ مُحَمَّدًا عَنَّا مَا هُوَ اَهْلُهٗ[1]

| | |
|---|---|
| اس جوابِ سلام کے صدقے! | تا قیامت ہوں بے شمار سلام |
| میری بگڑی بنانے والے پر | بھیج اے کردگار سلام |
| اس پناہِ گنہگاراں پر | یہ سلام اور کروڑ بار سلام [2] |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي.[3] اي عاشقانِ رسول! سٺي نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا! مثلاً نيت ڪريو: * نگاهون جهڪائي ڪري توجھ سان بيان ٻُڌندس * ضرورت مطابق سرڪِي ڪري ٻين جي لاءِ جڳھ ڪشاده ڪندس * ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس * بيان کان بعد پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس. * هٿ ملائيندس. ۽ * نيڪي جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... تاريخ الاسلام للذہبی، جلد:10، صفحہ:257، رقم:17516۔

2...ذوقِ نعت، صفحہ:170، 171 ملتقطًا۔

3...بخاری، كِتَاب بَدءِ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

## ڇا مدينو عرش کان به افضل آهي...؟

حضور غزاليءِ زمان حضرت علامہ کاظمي شاه صاحب رحمۃ اللهِ عَلَيۡهِ جن جي مزار پاڪ ملتان ۾ آهي... پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِ تمام وڏا عاشق رسول، تمام وڏا عالِمِ دِين هئا، الحمدلله! تمام ذَهِين ۽ هوشيار هئا، ڪمال جو اِسۡتِدۡلَال ڪندا هئا (يعني ڪنهن مسئلي جو دَليل ڏيڻو پوندو هو ته زَبردست ۽ ناياب دليل ڏيندا ها جو ٻڌڻ وارا حيرت ۾ پئجي ويندا هئا). هڪ ڀيري جو ذِڪر آهي ته پاڻ مسجد نبوي شريف ۾ وينا هئا. مسجد نبوي هجي، روضہءِ رَسُول سامهون هجي، ان وقت عاشقن جون ته ڪيفيتون ئي الڳ هونديون آهن... اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه لکيو آهي:

اے شوقِ دِل! یہ سجدہ گراُن کو رَوَا نہیں | اچھا! وہ سجدہ کیجے کہ سَر کو خبر نہ ہو[1]

وضاحت: يعني جڏهن رُوضي جي سامهون پهتا، دِل بيقرار ٿي رهي آهي، شَوق وڌي رهيو آهي، حَسرت آهي ته هتي تعظيم لاءِ سجده ڪيو وڃي پر سرڪار صَلَّي اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي شريعت ۾ غيرِ خُدا کي تعظيمي سجدو ڪرڻ حرام آهي. هاڻي ڪيون ته ڇا ڪيون؟ اعليٰ حضرت رحمۃ اللهِ عَلَيۡهِ وچٿرو رستو ڪڍيو... فرمائن ٿا: اي دل جا شوق! هي سجدو يعني پيشاني زمين تي رکي ڪري سجدو ڪرڻ، هي جيڪڏهن حُضُور صَلَّي اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي لاءِ جائِز ناهي ته نيڪ آهي، هي سجدو نه ڪر! اهڙي انداز کان سجدو ڪر ته جيئن مٿي کي به خبر نه پئي...!!

اُن کے در پر پہنچے تو پائیں، یہ نہ پوچھو کہ کیا ہم کریں گے
سَر جھکانا اگر جُرم ہو گا، ہم نگاہوں سے سجدہ کریں گے

ڊاڪٽر اقبال چئي ٿو:

سَجُود نِيسۡت اِے عبدُ العزيز! اِيۡں | بَرَوِيَم اَزۡ مِژَا خَاكِ دَرِ دَوست[2]

---

[1]...حدائقِ بخشش، صفحہ:131۔

[2]... کلیات اقبال فارسی، آرمغانِ حجاز، صفحہ:805۔

**مفهوم:** اي عبدُ العزيز...!! هي سجدو نہ آهي، مان تہ پلڪن سان محبوب جي در تي ٻهارو ڏئي رهيو آهيان.

مديني جي عاشق اميراهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو ذوق بہ ڏسو! لکن ٿا:

میں پہنچوں کوئے جاناں میں گریباں چاک، سینہ چاک
گرا دے کاش! مجھ کو شوق تڑپا کر مدینے میں [1]

بهرحال! هي عاشقن جون پنهنجون پنهنجون ڪيفيتون هونديون آهن، جڏهن اهي رسولِ پاڪ جي روضي تي پهچندا آهن تہ ❁ دل تڙپڻ لڳندي آهي❁ ڌڙڪن تيز ٿي ويندي آهن❁ اکين مان نير وهي رهيا هوندا آهن، ان وقت عاشقَ هر شيءِ کي وساري صرف محبوبِ ڪائنات صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن متوجہ ٿيندا آهن.

میرا وُجُود جیسے گم ہو کے رہ گیا ہے | خود سے بچھڑ گیا ہوں، دربارِ مصطفیٰ میں

خير! مان عرض پئي ڪيو تہ عظيم عاشقِ رسول حضرت علامہ سيّد احمد سعيد ڪاظمي صاحب رَحمةُ اللهِ عَلَيْه اهڙين ئي عشق پرين ڪيفيتن سان محبوب جي روضي جي سامهون بيٺا هئا، اکيون بند هيون، چپ چُري رهيا هئا، آهستہ آهستہ آواز ۾ پنهنجي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي بارگاه ۾ خبر ناهي ڪهڙيون التجائون ڪري رهيا هئا تہ اوچتو هڪ بي ادب اچي پهتو ۽ عاشق جي عشق پري حاضري ۾ مداخلت ڪندي چوڻ لڳو: حاجي! ڪعبي ڏي پٺي نہ ڪر! جيڪي التجائون ڪرڻيون اٿوَ، ڪعبي ڏانهن منهن ڪري، روضي ڏي پٺي ڪري پوءِ ڪيو...!!

چو تہ بارگاهِ رسالت جي حاضري هئي، ان وقت ڪنهن بي پاسي توجہ ڪرڻ درست نہ هو، تنهنڪري حضور غزاليءِ زمان رَحمةُ اللهِ عَلَيْه ان جي ڳالهہ کي ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏيو ۽ التجائن ۾ مصروف رهيا. اهو جيڪو بي ادب هو، ان سندن

---

[1] ...حدائقِ بخشش، صفحہ:280.

حُليو مبارڪ پنهنجي ذهن ۾ محفوظ ڪري ورتو، جيئن ته ٻي ڏينهن ڪين اتان جي ڪنهن وڏي عهديدار ڏانهن آندو ويو... ان مقدس ڏوهه ۾ ته هي ماڻهو روضي ڏانهن منهن ڪري التجائون ڪري ٿو. سندن جڏهن ان وڏي عهديدار وٽ پهتا، ته ان پهريون سوال ئي اِهو ڪيو ته **ڇا تون رسول جي قبر کي ڪعبي کان افضل سمجهين ٿو...؟**

هاڻي حضور غزاليءِ زمان رحمۃ اللہ علیہ جو علمي ڪمال ڏسو! پاڻ رحمۃ اللہ علیہ فرمايائون: توهان ڪعبي جي ڳالهه ٿا ڪيو، مان ته هن جڳهه کي عرش کان به افضل سمجهان ٿو. ان عهديدار چيو: هن تي دليل ڏي...!! پاڻ رحمۃ اللہ علیہ فرمايائون: پوءِ دليل ٻڌ...!!قرآن ڪريم مان ثابت آهي ته اللّٰه پاڪ جا نبي حضرت عيسيٰ علیہ السلام شڪر گذار ٻانها آهن.

ٻئي طرف اللّٰه پاڪ قرآن پاڪ ۾ فرمائي ٿو:

لَىٕنْ شَكَرْتُمْ لَاَزِیْدَنَّكُمْ ترجمو ڪنزالايمان: جيڪڏهن توهان منهنجو شڪر ادا ڪندؤ ته مان توهان کي اجان وڌيڪ ڏيندس. (سيپارو: 13، ابراهيم: 7)

ڏسو هڪ پاسي حضرت عيسيٰ علیہ السلام آهن جيڪي شڪر گذار ٻانها آهن، ٻي پاسي اللّٰه پاڪ جو هي وعدو آهي ته شڪر گذار کي پهريان کان وڌيڪ عطا ڪيو ويندو آهي، هاڻي هيءَ ڳالهه ته ثابت آهي ته حَضرت عيسيٰ علیہ السلام هن وقت چوٿين آسمان تي تشريف فرما آهن، چوته پاڻ شڪرگذار آهن، لٰهذا سندن جنهن جڳهه تي هاڻي آهن، ٿيڻ ته ائين گهرجي ته شڪر گذاري جي سلسلي ۾ هن کان وڌيڪ، هن کان اعليٰ، هن کان افضل ۽ هن کان بلند جڳهه تي پهچايا وڃن. اسان هي ڳالهه ڄاڻون ٿا، روايتن مان ثابت آهي ته حضرت عيسٰي علیہ السلام چوٿين آسمان کان زمين تي تشريف وٺي ايندا، پوءِ جڏهن دنيا مان ظاهري وصال فرمائيندا ته مصطفيٰ جانِ رحمت صلی اللہ علیہ والہ وسلم جي پاسي ۾ مدفن ٿيندا.

هن مان ثابت ٿي ويو ته حضرت عيسيٰ علیہ السلام جن کي شڪر گذاري جي عيوض ۾ پهريان کان ئي بلند ۽ افضل جڳهه عطا ٿيڻي هئي۞ڪيس نه پنجين

آسمان تي پهچايو ويندو۞نہ ڇهين آسمان تي۞نہ سِدۡرَةُ الۡمُنۡتَهٰی تي۞نہ عرشِ اعظم تي بلڪ ڪيس موجوده جڳهہ ڪان بلند، افضل و اعليٰ جيڪا جڳهہ ڏني ويندي، اها منهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو نوراني روضو آهي. ان مان معلوم ٿي ويو تہ جيڪا عظمت، جيڪا بلندي مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نوراني مزار کي حاصل آهي، اهو رتبو، اها بلندي عرش کي بہ حاصل نہ آهي. حضرت علامہ ڪاظمي شاه رحمۃ اللہ علیہ جي هيءَ انوکي دليل ٻڌي ڪري اهو وڏي عهدي وارو حيران ۽ پريشان ٿي ويو.[1]

| | |
|---|---|
| عرشِ عُلیٰ سے اعلیٰ، میٹھے نبی کا روضہ | ہے ہر مکاں سے بالا، میٹھے نبی کا روضہ |
| کیسا ہے پیارا پیارا یہ سبز سبز گنبد | کتنا ہے میٹھا میٹھا، میٹھے نبی کا روضہ |
| فِردوس کی بُلندی بھی چُھو سکے نہ اس کو | خلدِ بریں سے اُونچا، میٹھے نبی کا روضہ |
| مکّے سے اس لئے بھی اَفضل ہوا مدینہ | حصّے میں اس کے آیا، میٹھے نبی کا روضہ |
| کعبے کی عظمتوں کا منکر نہیں ہوں لیکن | کعبے کا بھی ہے کعبہ، میٹھے نبی کا روضہ (2) |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مَڪو افضل يا مدينو...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! مدينو پاڪ افضل ترين شهر آهي ۽ ڇونہ هجي جو هي مصطفيٰ جو شهر آهي، هتي محبوبِ خدا، آخري نبي، مُحمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تشريف فرما آهن.

| | |
|---|---|
| مدینہ اس لئے عطّار جان و دِل سے ہے پیارا | کہ رہتے ہیں مرے آقا، مرے دِلبر مدینے میں (3) |

[1]...مقالاتِ کاظمی، جلد:1، صفحہ:23 مفصلاً۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:320۔

[3]...وسائلِ بخشش، صفحہ:283۔

**هتي هڪ وضاحت ڪري ڇڏيان:** مڪو افضل آهي يا مدينو...؟ هن حوالي سان عالمن سڳورن تمام گهڻا علمي بحث لکيا آهن، آخر ۾ انهن علمي بحثن جو نتيجو هي نڪتو آهي ته پياري آقا، مڪي مدني، مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مزار مبارڪ يعني زمين جو اهو حصو جيڪو پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جسم مبارڪ سان مليل آهي، اهو زمين جو حصو ڪعبي شريف بلڪ عرشِ اعظم کان به افضل آهي. مزار شريف جو مٿيون حصو ان ۾ شامل ناهي. پوءِ خاص اهو هنڌ جتي ڪعبو شريف آهي، اهو مزار مبارڪ کان علاوه مديني جي تمام شهر کان افضل آهي. نبي پاڪ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مزار ۽ ڪعبي شريف کان علاوه مديني شهر ۽ مڪي شهر جي جيڪا باقي جڳهه آهي، انهن ٻنهي مان ڪهڙي افضل آهي، هن جي باري ۾ مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عُمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ جو مسلڪ هي آهي ته مدينو افضل آهي[1] بلڪ حديثِ پاڪ ۾ ارشاد ٿيو: اَلۡمَدِيۡنَةُ اَفۡضَلُ مِنۡ مَكَّةَ مدينو مڪي کان افضل آهي.[2]

کیونکر نہ ہو مکّے سے سِوا شانِ مدینہ
وہ جبکہ ہو مسکنِ سلطانِ مدینہ

مکّے کو شرف ہے تو مدینے کے سبب سے
اس واسطے مکہ بھی ہے قربانِ مدینہ

آتے ہیں سرِ عجز جھکائے ہوئے لاکھوں
شاہانِ جہاں پیشِ گدایانِ مدینہ

مرنے پہ بھی چھوڑیں گے نہ محبوب کا کوچہ
عشّاق کی جنّت ہے بیابانِ مدینہ

ہے عرض جمیلِ رضوی کا یہ خُلاصہ
لاشہ ہو مرا اور بیابانِ مدینہ (3)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]...فتاوی رضويہ، جلد:10، صفحہ:711۔
[2]...فتاوی رضويہ، جلد:10، صفحہ:711۔
[3]...قبالۂ بخشش، صفحہ:230، 232 ملتقطاً۔

# مدينو محبوب شهر آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! مديني پاڪ جا بي شمار فضائل آهن، انهن مان هڪ فضيلت هي بہ آهي تہ مدينو پاڪ محبت جو شهر آهي. هن پاڪ شهر جا 100 کان وڌيڪ نالا آهن، تنهن مان 3 نالا هي آهن: (1) مَحبوبَہ (2) مُحَبَّہ (3) مُحَبَّبَہ هنن ٽنهي جي معنىٰ ملندڙ جلندڙ آهي. مطلب هي آهي تہ مدينو محبوب شهر آهي، پيارو شهر آهي، هي عظيمُ الشان شهر محبت جو شهر آهي.

اَلحَمدُلله! مدينو پاڪ اهو مُقدس شهر آهي، جنهن سان الله پاڪ بہ محبت فرمائي ٿو، ان جا رسول بہ محبت فرمائن ٿا، خاص طور آخري نبي، مُحمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تہ تمام گهڻي محبت فرمائيندا آهن، الله پاڪ جا ملائڪ بہ مديني پاڪ سان محبت فرمائيندا آهن ۽ الله پاڪ جي فضل سان، ان جي عطا سان صحابہءِ ڪرام عليهمُ الرضوان کان وٺي اڄ تائين عاشقانِ رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مديني پاڪ سان محبت بہ ڪندا آهن، ان جي يادن ۾ تڙپندا بہ آهن، مديني پاڪ جي حاضري جي لاءِ ترسندا بہ آهن ۽ هرگهڙي هر وقت مديني پاڪ جو ذڪر ڪري روح کي راحت ۽ سڪون بہ پهچائيندا آهن.

مدینہ، مدینہ، ہمارا مدینہ
ہمیں جان و دِل سے ہے پیارا مدینہ
سُہانا، سُہانا دِل آرا مدینہ
دِوانوں کی آنکھوں کا تارا مدینہ
یہ ہر عاشِقِ مصطفےٰ کہہ رہا ہے
ہمیں تو ہے جنّت سے پیارا مدینہ
مدینے کے جلووں کے قربان جاؤں
خُدا نے ہے کیسا سَنْوارا مدینہ
خُدا گر قیامت میں فرمائے مانگو...!!
پُکاریں گے دِیوانے پیارا مدینہ
ضیا پیرو مرشد کے صدقے میں آقا
یہ عطّار آئے دوبارہ مدینہ (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] ...وسائلِ بخشش، صفحہ:355۔

## الله پاڪ جي مديني سان محبت

امام حاڪم نيشاپوري رحمۃُ اللہِ عَلَيْہِ کان روايت آهي تہ جڏهن مدني آقا، مڪي داتا صَلَّى الله عَلَيْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جن هجرت جو ارادو فرمايو تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪئي: اَللّٰھُمَّ اِنَّكَ اِنْ اَخْرَجْتَنِیْ مِنْ اَحَبِّ الْبِلَادِ اِلَیَّ فَاَسْكِنِّیْ فِی اَحَبِّ الْبِلَادِ اِلَیْكَ يعني اِلٰهي! تو مونکي منهنجي محبوب ترين شهر (يعني مڪي) کان هجرت جو حڪم ڏنو آهي، هاڻي منهنجو قيام اهڙي جڳهہ فرماءِ جيڪو تو وٽ محبوب ترين هجي هن دعا کان بعد الله پاڪ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى الله عَلَيْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ مديني پاڪ جو انتخاب فرمايو، ان مان معلوم ٿيو تہ مدينو پاڪ الله پاڪ وٽ محبوب تَرين مقام آهي.

شاہ تم نے مدینہ اپنایا | واہ! کیا بات ہے مدینے کی

اپنا روضہ اسی میں بنوایا | واہ! کیا بات ہے مدینے کی(1)

## توريت شريف ۾ مديني جو ذڪر

حضرت ڪعبُ الاحبار رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جيڪي توريت جا تمام وڏا عالِم هئا، قرآنِ پاڪ جا بہ عالِم هئا، پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمائن ٿا: توريت شريف (جيڪو حَضرت موسيٰ عَلَيہ السَّلام تي نازل ٿيو، ان) ۾ الله پاڪ مديني شريف کي هيئن مخاطب فرمايو: يَا طَيْبَةُ! يَا طَابَةُ! يَا مَسْكِيْنَةُ! لَا تَقْبلِیْ الْكُنُوْزَ اِرْفَعِیْ اَجَاجِيْرَكَ عَلٰی اَجَاجِيْرِ الْقُرٰی اي طيبہ! اي طابہ...!! (يعني اي پاڪ زمين!)، اي مَسڪينہ (يعني سڪون ۽ قرار واري زمين) تون خزانا قبول نہ ڪجانءِ...!! تون پنهنجي شان ۽ شوڪت کي ٻين شهرن جي شان کان بُلند رکجان...!![2]

---

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:388۔

[2]... فتح الباری لابن حجر، کتاب فضائل المدینہ، باب المدینہ طابۃ، زیرِ حدیث:1872، جلد:4، صفحہ:115۔

سُبْحٰنَ الله! ڇا تہ شان آهي مديني پاڪ جو...!! غور فرمايو! الله ڪريم مدينۂ طيبہ کي مخاطب ڪرڻو هو، ان جي لاءِ تہ صرف هڪ پيرو يَاطَيْبه! چوڻ بہ ڪافي هو، الله پاڪ آهي، ربُ العالَمين آهي، هو هڪ پيرو بہ ڪنهن کي ائين مخاطب فرمائي تہ ان جي عظمتن کي چار نہ 12 چنڊ لڳي وڃن پر قربان وڃو! هي مدينو آهي، هي محبوب جو شهر آهي، جهڙيءَ طرح رب رحمٰن کي پنهنجي محبوب سان بي مثال محبت آهي. ائين ئي محبوب جو شهر بہ محبوب آهي، ان ڪري جڏهن مديني پاڪ جي سرزمين کي مخاطب ڪرڻو هو تہ صرف هڪ پيرو نہ پڪاريو بلڪ نالو مَٽائي مَٽائي ڪري فرمايو:يَاطَيْبه!يَاطَابَه!يَامَسْكِينَه!

سُبْحٰنَ الله! جڏهن اسان جو رب رحمٰن مديني پاڪ جو ذڪر ايئن پيار سان فرمائي ٿو تہ پوءِ عِبادُالله (يعني الله پاڪ جا ٻانها) مديني پاڪ جو ذڪر ڇو نہ ڪن؟

| | |
|---|---|
| سب پُکارو! جھوم کر میٹھا مدینہ مرحبا! | کر کے خم سب اپنا سَر میٹھا مدینہ مرحبا! |
| ڈوبا رہتا ہے مدینہ روشنی میں ہر گھڑی | شام ہو یا ہو سحر میٹھا مدینہ مرحبا! |
| عظمتیں ہیں، رفعتیں ہیں، نعمتیں ہیں، برکتیں | رحمتیں ہیں ہر ڈگر میٹھا مدینہ مرحبا! |
| اس لئے تو ہم کو پیارا ہے مدینہ رہتے ہیں | اس میں شاہِ بحر و بَر میٹھا مدینہ مرحبا! |
| جو مدینے آ گیا، عطّار آ کر مرِ گیا | وہ بڑا ہے بختور میٹھا مدینہ مرحبا!(1) |

## غريبن، فقيرن کي رهائڻ وارا

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ توريت شريف ۾ مديني کي پڪاريو تہ فرمايو: يامَسْكِيْنَةُ! يعني اي سڪون ۽ قرار واري زمين.

---

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:152، 154 ملتقطاً۔

سُبْحٰنَ اللّٰه! هي بہ مديني جي فضيلت آهي، اَلحَمْدُللّٰه! ❁مدينو شريف اها پاڪ سرزمين آهي جتي سڪون ملندو آهي❁قرار ملندو آهي❁ذڪايل دليون هتي اچي ڪري سڪون ماڻينديون آهن❁غمن جا ماريل هتي اچي ڪري غمن ڪان نجات ماڻيندا آهن❁ ها! ها! هتي مدينو ئي آهي، جيئن اسان جا آقا هر بيڪسن جي لاءِ پناهہ گاهہ آهن. ائين ئي مدينو شريف بہ هر غريب جي لاءِ وطن آهي.

مدينے کے خطّے، خُدا تجھ کو رکھے | غریبوں، فقیروں کے ٹھہرانے والے (1)

**وضاحت:** اي مديني پاڪ جي پاڪيزه زمين! اللّٰه پاڪ توکي سلامت رکي...!! تون ئي آهين جتي غريبن ۽ فقيرن کي سڪون نصيب ٿيندو آهي.

## قرآنِ پاڪ ۾ مديني جو ذڪر

اي عاشقانِ رسول! اَلحَمْدُللّٰه! مدينو پاڪ اللّٰه پاڪ جو محبوب شهر آهي. اللّٰه پاڪ جهڙي طرح اڳين آسماني ڪتابن ۾ هن جو ذڪرِ خير فرمايو آهي، اهڙي طرح سڀ کان آخري ڪتاب قرآنِ پاڪ ۾ بہ ڪيئي مقامن تي مديني پاڪ جو ذڪر ڪيو ويو آهي ❁ مديني پاڪ جو مشهور نالو يعني مدينو بہ قرآنِ پاڪ ۾ 4 ڀيرا آيو آهي❁ ان کان علاوه سيپاري: 15، سورت بني اسرائيل، آيت: 80 ۾ مديني شريف جي لاءِ لفظ مُدْخَلُ صِدْقٍ استعمال ڪيو ويو آهي، يعني داخل ٿيڻ جي سُني جڳهہ ۽ سَچي جڳهہ❁سيپارو 5، سورت نسآء، آيت: 97 ۾ مديني شريف کي اَرْضُ اللّٰه يعني اللّٰه پاڪ جي زمين فرمايو ويو. يعني زمين تہ سڀ ئي اللّٰه پاڪ جي ئي آهي، بلڪ ست ئي زمينون، ست ئي آسمان اللّٰه پاڪ ئي پيدا فرمايا آهن پر اُن پاڪ سرزمين (يعني مديني پاڪ) جي قسمت تہ ڏسو جو ربِّ ڪريم ان کي خاص طور تي اَرْضُ اللّٰه (اللّٰه جي زمين) جي خطاب سان نوازيو

---

[1]...حدائقِ بخشش، صفحہ:158۔

آهي۞سيپاري: 18، سورةُ الحشر، آيت: 9 ۾ مديني شريف جا 2 نالا ذڪر ڪيا ويا:
(1): دارُالْهِجْرَةِ ۽ (2). دارُالْاِيْمان ارشاد ٿئي ٿو: آيت:

وَالَّذِيْنَ تَبَوَّؤُ الدَّارَ وَالْاِيْمَانَ مِنْ قَبْلِهِمْ

**ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ اهي جن انهن (مهاجرن) کان پهريان هن شهر کي ۽ ايمان کي نڪاڻو بڻايو (سيپارو: 28، سورةُ الحشر: 9)

علامہ بيضاوي رحمۃُ اللہِ عَلَيْهِ هن آيت جي هڪ معنيٰ بيان ڪندي فرمائن ٿا: تَبَوَّؤُا دَارَ الْهِجْرَةِ وَدَارَ الْاِيْمَانِ يعني اهي ماڻهو جن دارُ الهجرت ۽ دارُ الايمان کي پنهنجو گهر بڻايو ۽ ان مان مراد آهن انصاري صحابہءِ ڪرام عليهمُ الرضوان جو انهن جو صدق ۽ سچائي ظاهر ٿي، انهن پهريان کان ئي مديني پاڪ ۾ رهائش کي لازم رکيو، ايمان آندائون ۽ مديني پاڪ ۾ رهائش تي ۽ ايمان تي ثابت قدم رهيا.

علامہ بيضاوي رحمۃُ اللہِ عَلَيْهِ وڌيڪ لکن ٿا: هن آيت ۾ الله پاڪ مديني پاڪ کي ايمان (يا دارُ الايمان) فرمايو، ان جو سبب هي آهي تہ ايمان مديني پاڪ کان ئي پکڙجو آهي ۽ بيهر انهيءَ ڏانهن موٽي ويندو.[1] مُعْجَم اَوْسط جي حديثِ پاڪ آهي، منهنجي پياري نبي، آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو:

اَلْمَدِيْنَةُ دَارُ الْاِيْمَان مدينو ايمان جو گهر آهي.[2]

ایمان ملا ان کے صدقے، قرآن ملا ان کے صدقے
رحمٰن ملا ان کے صدقے، وہ کیا ہے جو ہم نے پایا نہیں

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! رب ڪريم کي محبوب جو شهر يعني مديني پاڪ سان ڪيڏي محبت آهي...!!۞ پهريان تہ الله پاڪ ئي پنهنجي

---

[1]...حاشيہ شيخ زاده تفسير بيضاوی، پاره:28، الحشر، تحت الآية:9، جلد:8، صفحہ:167۔
[2]...معجم اوسط، جلد:4، صفحہ:174، حديث:5618۔

محبوب جي قيام(رهڻ) جي لاءِ مديني جو انتخاب فرمايو ۽ محبوب جي قيام(رهڻ) جي لاءِ هميشه اعليٰ ترين انتخاب ڪيو ويندو آهي۞ پوءِ مديني جي هيءَ عظمت آهي جو الله پاڪ اڳين آسماني ڪتابن ۾ به هن جو ذڪرِ خير فرمايو آهي۞ ۽ آخري ڪتاب قرآنِ پاڪ ۾ به اهڙو بي مثال ذڪر فرمايو، ڪٿي هن کي اَرۡضُ الله چيو، ڪٿي هن کي دَارُ الۡهِجۡرَت فرمايو، ڪٿي دَارُ الۡاِيۡمَان فرمايو ۽ ٻڌائي ڇڏيو ته جهڙيءَ طرح الله پاڪ کي آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان بي مثال محبت آهي، ائين ئي الله پاڪ سندن مبارڪ شهر سان به باڪمال محبت فرمائيندو آهي.

عجب پیاری پیاری ہے صُورت کسی کی | ہمیں کیا خُدا کو ہے اُلفت کسی کی
کسی کو کسی سے ہوئی ہے نہ ہو گی | خُدا کو ہے جتنی محبّت کسی کی

**وضاحت:** الله اڪبر! پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو چهرو مبارڪ ڪيڏو پيارو ۽ خوبصورت آهي جو نه صرف اسان کي بلڪ الله پاڪ کي به ان نوراني چهري سان تمام گهڻي الفت ۽ محبت آهي، بلڪ ايئن چئو ته جهڙي محبت الله پاڪ کي پنهنجي محبوب سان آهي اهڙي محبت نه ڪنهن کي ڪنهن سان آهي نه ئي ٿيندي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ملائڪن جي مديني سان محبت

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! مدينو پاڪ الله پاڪ جو پسنديده شهر آهي، ان سان گڏوگڏ ملائڪَ به مديني سان محبت ڪندا آهن، تمام مشهور روايت آهي، حضرت ڪعبُ الاحبار رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: جڏهن فجر طلوع ٿيندي آهي ته 70 هزار ملائڪَ مديني پاڪ حاضر ٿيندا آهن، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي روضي کي پنهنجي پَرَن سان ڍڪي وٺندا آهن ۽ (چا ڪندا آهن؟ فرمايائون): يُصَلُّوۡنَ عَلَى النَّبِيِّ، پنهنجي

آقا ۽ مولا، رسولِ خُدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ درودن جا نذرانا پيش ڪندا آهن.

حضرت ڪعبُ الاحبار رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: شام تائين اهي ملائڪ اتي ئي حاضر رهندا آهن، جڏهن شام ٿيندي آهي ته اهي ملائڪَ هليا ويندا آهن، انهن جي جڳهه تي 70 هزار ٻيا حاضر ٿيندا آهن، هاڻي شام کان صبح تائين اهي 70 هزار ملائڪَ روضي پاڪ کي پنهنجي پَرَن سان ڍڪي رکندا آهن ۽ درودن جا نذرانا پيش ڪندا رهندا آهن. هي سلسلو قيامت تائين ائين ئي هلندو رهندو.[1]

| | |
|---|---|
| سَتَّر ہزار صبح ہیں، سَتَّر ہزار شام | یُوں بندگیٔ زُلف و رُخ آٹھوں پہر کی ہے |
| جو ایک بار آئے دوبارہ نہ آئیں گے | رُخصت ہی بارگاہ سے بس اس قدر کی ہے(2) |

**وضاحت:** روزانو 70 هزار ملائڪَ صبح جو ۽ 70 هزار شام جو يعني هڪ لک چاليهه هزار ملائڪَ روزانو نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيندا، درودِ پاڪ جا نذرانا پيش ڪندا ۽ جانِ ڪائنات، فخرِ موجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زلف مبارڪ ۽ والضّحيٰ واري چهري جي تعريف ۽ ثناء ڪندا آهن، پوءِ هي به ته جيڪو ملائڪ هڪ ڀيرو حاضر ٿي چڪو، ٻيهر قيامت تائين ان کي حاضر ٿيڻ نصيب نه ٿيندو جو الله پاڪ جي بارگاهه کان بس ايتري ئي اجازت آهي، جيڪڏهن ائين نه ٿئي ها ته ڪروڙين ملائڪَ حاضري کان محروم رهجي وڃن ها.

## جبريل عَلَيْهِ السَّلَام جو محبوب شهر

امام عشق و محبت، اعليٰ حضرت شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سهڻي انداز ۾ مديني پاڪ جو شان بيان ڪيو آهي، پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه لکن ٿا:

| | |
|---|---|
| چمنِ طیبہ ہے وہ باغ کہ مرغِ سِدرہ | برسوں چہکے ہیں جہاں بلبل شیدا ہو کر (3) |

[1]...سنن دارمی، مقدمہ، باب ما اکرم اللہ...الخ، صفحہ:59، حدیث:95۔

[2]...حدائق بخشش، صفحہ:220۔

[3]...حدائق بخشش، صفحہ:70۔

يعني مدينو پاڪ اهو چمن آهي، اهو باغ آهي جتي حضرت جبريلِ اَمين عَلَيهِ السَّلَام سالن جا سال اڻين حاضر ٿيندا هئا جيئن بُلبل عشق ۾ گُل جي ويجهو ويندي ۽ بولندي آهي.

منقول آهي ته حضرت جبريلِ اَمين عَلَيهِ السَّلَام 23 سالن ۾ 24 هزار ڀيرا بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا آهن،[1] انهن مان 10 سال مديني پاڪ جي حاضري جا آهن.

يعني جيڪڏهن اوسط ڪيون ته روزانو ڪهٽ ۾ گهٽ 3 ڀيرا حضرت جبريلِ امين عَلَيهِ السَّلَام جي حاضري ٿي، تڏهن 23 سالن ۾ 24 هزار حاضريون ٿين ٿيون پر ڪڏهن ڪڏهن حضرت جبريلِ امين عَلَيهِ السَّلَام 3 ڀيرا کان گهٽ حاضر ٿيندا، ڪڏهن غير حاضر رهندا هئا ۽ ڪڏهن 3 کان وڌيڪ ڀيرا حاضري ٿيندي هئي.

بےلقائے یار اُن کو چین آجاتا اگر | بار بار آتے نہ یُوں جبریل سدرہ چھوڑ کر[2]

**وضاحت:** سيّد عالم نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَيهِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم سان ملاقات ڪرڻ بغير جيڪڏهن جبريلِ اَمين عَلَيهِ السَّلَام کي چين ۽ سڪون ملندو هجي ها ته پاڻ باربار سدره ڇڏي ڪري بارگاهِ رسالت ۾ حاضر نه ٿيندا رهن ها.

سُبْحٰنَ الله! اي عاشقانِ رسول! هي آهي اسان جو مدينو...!! جتي ملائڪن جي حاضري ٿيندي آهي، جتي ملائڪن جا سردار حضرت جبريل امين عَلَيهِ السَّلَام باربار حاضر ٿيندا رهيا آهن ته اسان پنهنجي آقا جا غلام، پنهنجي ڪريم داتا صَلَّی اللہُ عَلَيهِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم جا سوالي ڀلا اهڙي حاضري جي لاءِ ڇو نه تڙپنداسين؟ اسان مديني پاڪ سان ڇو نه محبت ڪنداسين...!! الحمدلله! مدينو الله پاڪ جو به محبوب شهر آهي، ملائڪن جو به محبوب شهر آهي، اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفي صَلَّی اللہُ عَلَيهِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم جو به محبوب شهر آهي، صحابهءِ ڪرام جو به محبوب شهر آهي، اولياءِ ڪرام جو به محبوب شهر آهي، عُلماءِ ڪرام جو به محبوب شهر آهي

---

[1]...مواهب اللدنيه، دقائق حقائق بعثته، جلد:1، صفحه:112بتصرف.

[2]...ذوقِ نعت، صفحه:133.

بلڪ هر عاشقِ رسول جي دل مديني جي لاءِ ڌڙڪندي آهي، مدينو محبت جو شهر آهي، هر عاشقِ رسول، هر مسلمان ان سان محبت ڪندو آهي.

وہ شہرِ محبّت جہاں مصطفٰے ہیں، وہیں گھر بنانے کو جی چاہتا ہے
وہ سونے سے کنکر، وہ چاندی سی مٹی، نظر میں بسانے کو جی چاہتا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عُلماءِ اهلسنت جي مديني سان محبت

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلله! مدينو محبوب شهر آهي، 1400 سالن کان وڌيڪ عرصو ٿي چڪو آهي، تڏهن کان هاڻي تائين الله پاڪ جو فضل آهي، هر عاشقِ رسول جي دل مديني جي لاءِ ڌڙڪندي آهي. الله پاڪ جا نيڪ ٻانهاِ عاشقانِ رسول عُلماءِ ڪرام تمام پياري انداز سان مديني جو ادب ڪندا هئا، ڪهڙي انداز سان مديني شريف سان محبت جو اظهار فرمائيندا هئا، اچو! واقعا ٻڌون ٿا:

## محدثِ اعظم پاڪستان جي مديني سان محبت

حضور مُحدثِ اعظم پاڪستان مولانا سردار احمد صاحب رحمۃ اللہ علیہ جن جي مزارشريف پاڪستان، پنجاب جي شهر فيصل آباد ۾ آهي، پاڻ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْہ تمام وڏا عاشقِ رسول هئا ۽ مديني پاڪ سان بہ تمام گهڻي محبت ڪندا هئا، سندن محفلِ پاڪ ۾ اڪثر محبوب جي مُلڪ جو تذڪرو ٿيندو رهندو هو. جيڪڏهن ڪو مديني جو مسافر سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو تہ ان کان مديني پاڪ جا حالات پڇندا، مديني پاڪ جي رهائشي عاشقانِ رسول جي خيريت معلوم فرمائيندا ۽ جيڪڏهن ڪو تبرڪ پيش ڪندو هو تہ نهايت خوشي سان قبول فرمائيندا هئا. هڪ ڀيري هڪ حاجي صاحب مديني پاڪ جون ڪارڪون پيش ڪيون، ان وقت دورهءِ حديث (يعني عالم ڪورس جي آخري درجي جو سبق) جاري هو، مديني پاڪ جون ڪارڪون موجود طالبن ۾ ورهايون ۽ هڪڙي ڪارڪ

پنهنجي ذاتَ هينان ركي كري فرمائڻ لڳا: مديني پاڪ جي كارڪ وات ۾ ركي آهي، جيستائين ڳري كري اندر ويندي رهندي، ايمان تازو ٿيندو رهندو.[1]

کھجورِ مدینہ سے کیوں ہو نہ اُلفت
کہ ہے اس کو آقا کے کُوچے سے نسبت

## مديني ۾ پنهنجا وارَ ۽ ننهن دفن فرمايا

حضور مُحدثِ اعظم پاڪستان رحمۃُ اللہِ علیہ جي محبت جو هڪ انداز هي بہ آهي تہ جڏهن كين مديني پاڪ حاضري جي سعادت ملي تہ اتان كان واپسي جي وقت پاڻ پنهنجا ڪجھ وارَ ۽ ننهن مديني شريف ۾ دفن كري ڇڏيا ۽ بارگاهِ رسالت ۾ عرض كيائون: يا رسول الله صَلّی اللہُ عَلَیہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم! مديني پاڪ ۾ مرڻ تہ منهنجي اختيار ۾ نہ آهي البت پنهنجي جسم جا ڪجھ حصا دفن كري وڃي رهيو آهيان، اسان غريبن جي لاءِ هيءُ ئي غنيمت آهي.[2]

جان و دل چھوڑ کر یہ کہہ کے چلا ہوں اعظمؔ
آ رہا ہوں مرا سامان مدینے میں رہے

## مُفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃُ اللہِ علیہ ۽ مديني جي محبت

مشهور مُفسرِ قرآن مُفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃُ اللہِ علیہ 1390ھ ۾ حج ۽ مديني جي زيارت جي سعادت حاصل كئي، هن حوالي سان مديني جي سفر جو هڪ ايمان تازو كندڙ واقعو بيان كندي فرمائن ٿا: مان مديني شريف ۾ تِركي كِري پيس تہ کابي هٿ جي كارائيءَ جي هڏي ٽُٽي پئي، سور گهڻو ٿيو تہ مون ان كي چُمندي چيو: اي مديني جا سورَ تنهنجي جڳھ منهنجي دل ۾ آهي تون تہ مونكي يار جي دروازي تان مليو آهين.

---

[1]... حیاتِ محدثِ اعظمِ پاکستان ، صفحہ:155۔

[2]... حیاتِ محدثِ اعظمِ پاکستان ، صفحہ:155۔

تِرا درد میرا دَرماں تِرا غم مری خوشی ہے
مجھے درد دینے والے تری بندہ پروری ہے

سورُ تہ انهي وقت ختم ٿي ويو پر هٿ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو، 17 ڏينهن ڪان پوءِ شاهي اسپتال ۾ ايڪسرو ڪرايو تہ هڏي جا بہ ٽڪرا آيا جن ۾ ڪجھ فاصلو هو پر اسان علاج نہ ڪرايو، پوءِ آهستہ آهستہ هٿ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، مديني پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّ تَعْظِيْماً جي ان اسپتال جي ڊاڪٽر محمد اسماعيل چيو تہ هي خاص ڪرشمو ٿيو آهي جو هي هٿ طبي لحاظ ڪان حرڪت بہ نہ ٿو ڪري سگهي، اهو ايڪسرو مون وٽ آهي، هڏي اجان تائين ٽُٽل آهي، (پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا مان) ان ٽُٽل هٿ سان تفسير لکي رهيو آهيان، مان پنهنجي هن ٽٽل هٿ جو علاج صرف هي ڪيو تہ آستانۂِ عاليہ تي بيهي ڪري عرض ڪيم تہ حضور! منهنجو هٿ ٽُٽي پيو آهي، اي عبدُ الله بن عَتِيڪ رَضِیَ اللهُ عَنْه جي ٽُٽل پيڏي جوڙڻ وارا! اي معاذ بن عَفراء رَضِیَ اللهُ عَنْه جي ٽُٽل ٻانهن جوڙڻ وارا (پيارا محبوب صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم!) منهنجو ٽُٽل هٿ جوڙي ڇڏيو![1]

چاند کو توڑ کے پھر جوڑنے والے آجا | ہم بھی ٹوٹی ہوئی تقدیر لئے پھرتے ہیں

## مديني جي سختي تي صبر ڪرڻ جو ثواب

پيارا اسلامي ڀائرو! مفتي صاحب جي هن واقعي ۾ اسان جي لاءِ بہ سبق آهي، مديني پاڪ حاضري ٿئي تہ ظاهر آهي❁هوا تبديل ٿيندي آهي❁موسم تبديل ٿيندي آهي❁وري ڪڏهن ڪڏهن سفر وغيره جي ٿڪاوٽ ٿيندي آهي❁اتي پهچي ڪري روحاني لحاظ سان نہ بلڪ جسماني طور تي ڪڏهن ڪڏهن ڪجھ تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي❁ڪڏهن بخار ٿي ويو❁ڪڏهن مٿي ۾ سور❁ڪڏهن ٿڪاوٽ❁ڪڏهن ڪو ڪنڊو لڳي ويو وغيره تڪليف ٿي سگهي ٿي، جيڪڏهن ائين ٿئي تہ صبر ڪرڻ گهرجي، هي

[1]...تفسير نعيمى، پاره:9، سورة الاعراف، زيرِ آيت:188، جلد:9، صفحه:424۔

محبت جي شهر جي تڪليف آهي ۽ محبوب جي طرفان ملڻ وارو زخم بہ گُل هوندو آهي. شهنشاهِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جو فرمانِ باقرينہ آهي: منهنجو جيڪو اُمتي مديني جي تڪليف ۽ سختي تي صبر ڪندو، مان قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندُس.[1]

مشهور مُفسرِ قرآن مُفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃ اللهِ عَلَيْهِ هن حديثِ پاڪ جي تحت لکن ٿا: حق هي آهي تہ هي واعدو سڄي اُمت جي لاءِ آهي جو مديني ۾ مرڻ وارا حضورِ انور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم) جي هن خصوصي شفاعت جا حقدار آهن.[2]

| | |
|---|---|
| خارِ صحرائے نبی پاؤں سے کیا کام تجھے | آ مری جان مرے دل میں ہے رستہ تیرا |
| بھیک بے مانگے فقیروں کو جہاں ملتی ہے | دونوں عالم میں وہ دروازہ ہے کس کا تیرا(3) |

**وضاحت:** اي مديني پاڪ جا ڪنڊا! تون منهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي شهر مبارڪ جو حصو آهين تنهنجي جڳهہ اسان جهڙن جي پيرن ۾ نہ بلڪ دلين ۾ آهي، ٻنهي جهانن ۾ صرف مديني پاڪ جو هي شان آهي تہ هتي فقيرن کي بنا گهرڻ جي ئي عطا ڪيو ويندو آهي.

## مُفتي نقي علي خان رحمۃ اللهِ عَلَيْهِ جو ذڪرِ خير

پيارا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت جا والد صاحب مولانا مُفتي نقي علي خان رحمۃ اللهِ عَلَيْهِ بہ تمام وڏا عاشقِ رسول هئا، الحمد ﷲ! مديني جا عاشق بہ هئا، ذوالقعده جي 29 يا 30 تاريخ تي سندن عرس ٿيندو آهي، ڪوشش ڪري پنهنجي گهرن ۾ دڪانن تي آفيسن ۾ انهن جي لاءِ ايصال ثواب جو اهتمام ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪامل ولي جو فيضان نصيب ٿيندو. اچو! سندن مديني جي عشق جو ذڪر ٻڌون ٿا:

[1]... مسلم، کتاب الحج، باب الترغیب فی سکنی المدینہ...الخ، صفحہ:512، حدیث:1378۔
[2]... مراۃ المناجیح، جلد:4، صفحہ:210۔
[3]... ذوقِ نعت، صفحہ:25۔

## عاشقِ رسول جو مديني جو سفر (حڪايت)

1295 هجري جي ڳالهه آهي، شوال جو مهينو هو، اعليٰ حضرت جا والد مولانا نقي علي خان رَحمۃُ اللہِ عَلَیۃ تمام گهڻو بيمار ٿيا، جسم جي ظاهري طاقت ۾ ڪافِي ڪمزوري اچي وئي، انهيء حالت ۾ هڪ ڏينهن پاڻ رَحمۃُ اللہِ عَلَیہ آرام فرما هئا، ظاهري اکيون بند هيون پر قسمت سجاڳ هئي، دِل جون اکيون کليل هيون، مدني آقا، مکي آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ڪرم فرمايو، پنهنجي سچي عاشق جي خواب ۾ آيا

| | |
|---|---|
| سَرِ بالیں، انہیں | حال بگڑا ہے تو بیمار کی |
| رَحمت کی ادا لائی ہے | بَن آئی ہے |

سرڪارِ نامدار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي سچي عاشق کي حڪم فرمايو ته مديني هليا اچو...! بس هاڻي ڀيو ڇا ڪيي، مولانا نقي علي خان رَحمۃُ اللہِ عَلَیہ جي اک کُلي، توڙي جو طبيعت ناساز هئي، ظاهري جسماني طاقت ۾ ڪافِي ڪمزوري هئي پر مدني آقا، محبوبِ خُدا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ حڪم فرمائي چڪا هئا، ان ڪري مولانا نقي علي خان رَحمۃُ اللہِ عَلَیہ يڪدم حج ۽ مديني پاڪ حاضِري جو پختو ارادو ڪيو، پاڻ رَحمۃُ اللہِ عَلَیہ جي دوستن محبن، اَهلِ خانہ وغيره گهڻو عرض ڪيو: عاليجاه...!! توهان جي طبيعت ناساز آهي، هلڻ ڦرڻ به مشڪل آهي، جيڪڏهن آئنده سال وڃو ته به سرڪارِ عالي وقار، مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي حڪم تي عَمَل ٿي ويندو پر مولانا نقي علي خان رَحمۃُ اللہِ عَلَیہ جي عشق جو ڪمال ڏسو! طبيعت ناساز، جسماني طور تي ڪافِي ڪمزوري ۽ هاڻي ته هوائي جهاز ذريعي سَفَر ٿئي ٿو، هند کان ڪجهه ڪلاڪن ۾ مديني پاڪ پهچي سگهجي ٿو، ان وقت بحري جهاز تي، ساموندي رستي کان سَفَر ٿيندو هو، مديني پاڪ پهچڻ ۾ ڪيئي ڪيئي ڏينهن لڳي ويندا هئا، ان سچي صُورتِحال جي باوُجُود سچي عاشق رسول، مولانا نقي علي خان رَحمۃُ اللہِ عَلَیہ دوستن

محبن جي عرض تي عشقِ رسول ۾ گم تي فرمايو: مديني پاڪ جي ارادي سان قَدَم دروازي کان ٻاهر رکي ونان، پوءِ چاهي رُوح انهيءَ وقت نڪري وڃي.[1]

| | |
|---|---|
| شوق روکے نہ رُکے پاؤں اُٹھائے نہ اُٹھے | کیسی مشکل میں ہیں اللہ تمنّائی دوست [(2)] |

**وضاحت:** ياالله! محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضِري جي تمنا آهي، شوق اهڙو جو دِل رُڪجي نٿي، حال اهو آهي جو پير گڄن نہ پيا، هلڻ مشڪل آهي، اِلٰهي! ڪهڙي مشڪل آهي، منهنجي مدد فرماءِ.

مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي شهزادي اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ گهر جي ڪجھ ٻين ڀاتين ڪي ساڻ وٺي حج جي لاءِ روانا تي ويا، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: سرڪارِ مڪہ مڪرمہ، سردار مدينہ منوره صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ اچي پنهنجي سچي عاشق، مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي هڪ پيالي ۾ دَوا عطا فرمائي، اها دوا پيئڻ جي برڪت سان مرض جي شِدَّت ۾ ڪمي اچي وئي ۽ مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حج ۽ زيارت جا تمام اَفعَال تَندُرُستن جيان ادا فرمايا، پوءِ مديني پاڪ بہ بااَدب، پُرڪيف حاضِري تي.[3]

| | |
|---|---|
| میٹھا مدینہ دُور ہے، جانا ضرور ہے | جانا ہمیں ضرور ہے، جانا ضرور ہے |
| ہوتا ہے سخت امتحاں، الفت کی راہ میں | آتا مگر سُرور ہے، جانا ضرور ہے |
| عشاق کو تو ملتی ہے غم میں بھی راحت اور | آتا بڑا سُرور ہے، جانا ضرور ہے |
| سرکار کا مدینہ یقیناً بلاشُبہ | قلب و نظر کا نُور ہے، جانا ضرور ہے [(4)] |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...فضائلِ دُعا، صفحہ:40 بتصرف۔
[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:63۔
[3]...فضائلِ دُعا، صفحہ:41بتصرف۔
[4]...وسائلِ بخشش، صفحہ:486، 487 ملتقطاً۔

پيارا اسلامي ڀائرو ! اها آهي مولانا نقي علي خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي عشقِ رسول جي ڪيفيت...! جو سندن کي سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ خواب ۾ اچي حڪم فرمايو ته پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ايتري سختي سان عَمَل ڪيو جو جان جي پرواھ به نه ڪيائون بلڪ فرمايائون: مديني پاڪ جي ارادي سان قدم دروازي جي ٻاهر رکي ونان پوءِ چاهي رُوح نڪري وڃي .يعني پنهنجي آقا و مولیٰ، محبوبِ خدا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي حڪم تي عمل ڪرڻ جي لاءِ جيڪو ڪجھ منهنجي اختيار ۾ آهي اهو مان ضرور ڪندس، پوءِ الله پاڪ جي رحمت ۽ مدني سرڪار، نبين جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو ڪرم بي شُمار آهي، الله پاڪ ۽ سندن پيارو حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ چاهيندو ته مديني پهچائي ڇڏيندا، نه ته منهنجي طرفان ته حڪم تي عَمَل تي چڪو هوندو.

آئے دو یا ڈبو دو، اب تو تمہاری جانِب | کشتی تمہیں پہ چھوڑی، لنگر اُٹھا دیئے ہیں(1)

الله پاڪ اسان کي به ۞مديني جو عشق۞مديني جي ياد۞مديني جو غم۞ مديني جو ذڪر۞ مديني جو فڪر ۽۞ باربار، هزار ڀيرا با ادب مديني جي حاضر نصيب فرمائي.

مدینہ، مدینہ، ہمارا مدینہ | ہمیں جان و دِل سے ہے پیارا مدینہ
سہانا سہانا دِل آرا مدینہ | دِوَانوں کی آنکھوں کا تارا مدینہ
یہ ہر عاشقِ مصطفےٰ کہہ رہا ہے | ہمیں تو ہے جنّت سے پیارا مدینہ
یہ رنگیں فضائیں، یہ مہکی ہوائیں | مُعَطَّر، مُعَنبَر ہے سارا مدینہ
مدینے کے جلووں کے قربان جاؤں | خدا نے ہے کیسا سنوارا مدینہ
خُدا گر قیامت میں فرمائے مانگو | پُکاریں گے دیوانے پیارا مدینہ (2)

[1]...حدائقِ بخشش، صفحہ:102۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:355۔

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## ڪبوترن جي محبوب جي آستاني سان محبت

پيارا اسلامي ڀائرو! مدينو محبت جو شهر آهي، هي صرف انسان ناهن جيڪي مديني سان محبت ڪندا آهن، الحمد لله! جانور به مديني پاڪ سان تمام گهڻي محبت ڪندا آهن. سيدي قُطبِ مدينہ مولانا ضياء الدين مدني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪي شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جا پير صاحب آهن، مديني پاڪ سان تمام گهڻي محبت رکندا هئا، پاڻ ڪيترائي سال مديني پاڪ ئي ۾ حاضِر رهيا ۽ اڄ به الحمدلله! مديني پاڪ ئي ۾ بقيع شريف ۾ مدفن آهن، سيدي قطبِ مدينہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو انتظاميہ مسجد نبوي شريف جي حرم شريف کي صاف سٿرو رکڻ جي لاءِ ڪبوترن جي لاءِ فيصلو ڪيو ته داڻو وغيره نہ رکيو وڃي ته جيئن ڪبوتر داڻي جي ڳولا ۾ ٻين هنڌن ڏانهن هليا وڃن. ان حڪم تي عمل ڪيو ويو ۽ ڪيترن ئي ڏينهن تائين داڻو پاڻي وغيره نہ رکيو ويو، پر ڪبوترن جي گنبذِ خضرا سان ايتري ته محبت هئي جو بک سان مري رهيا هئا ، پر محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آستاني کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئا. مديني وارن پنهنجي اکين سان اهي عشق ۽ محبت ڀريا منظر ڏٺا ۽ ماڻهن انتظاميہ کي مسلسل اپيل ڪئي تڏهن اتي وري ساڳي وانگر ڪبوترن جو داڻو رکڻ شروع ڪيو ويو.[1]

عالمِ وَجد میں رَقصاں میرا پَر پَر ہوتا | کاش! میں گنبدِ خضراء کا کبوتر ہوتا

الله پاڪ اسان کي به مديني پاڪ جي خوب خوب محبت نصيب فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... عاشقانِ رسول کی 130 حکایات، صفحہ:184۔

## مديني جو غم ۽ مديني جو درد ڪيئن ملي؟

پيارا اسلامي ڀائرو!❁ مديني جي ياد ❁ مديني جي فرياد❁ مديني جو غم❁ مديني جو عشق، ڪيئن حاصل ٿئي؟ اچو! عاشقِ مدينه، يعني شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جون ڪجھ نصيحتون ٻڌون ٿا: پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: مديني جو غم حاصل ڪرڻ جي لاءِ ❁سرڪارِعالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن نسبت رکڻ واري هر شيءِ سان سچي پڪي محبت ڪئي وڃي❁سندن مُبارڪ سُنّتن تي عمل ڪيو وڃي❁بزرگانِ دين (يعني الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن) جا حَرمين طيبين جي ادب ۽ احترام جا واقعا پڙهيا وڃن.

❁ انهيءَ لاءِ مڪتبة المدينه جي ڪتاب **عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون** پڙهڻ مفيد آهي. الله پاڪ نصيب ڪري ته هن ڪتاب کي پڙهڻ سان مڪي شريف، مديني شريف ۽ حج وغيره جي محبت دِل ۾ پيدا ٿي سگهي ٿي❁اهڙي طرح اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو نعتيه ديوان **حدائقِ بخشش** پڙهيو وڃي، سنڌي اردو ڄاڻڻ وارو جيڪڏهن حدائقِ بخشش کي سمجهي ڪري پڙهندو رهي ته اهو تمام وڏو عاشقِ رسول بڻجي ويندو❁سچي ڳالهه اها آهي ته **عشقِ رسول** جي حصول ۾ ماحول ۽ صحبت گهڻي ڪارگر آهي. صحبت جي ذريعي جذبو وڌندو آهي، هاڻي جيئن ته ڪير حج يا مديني پاڪ جي حاضري جي لاءِ ويو ۽ ان سفر ۾ ڪنهن **عاشقِ رسول** جي صحبت نه مليس ته ان کي ذوق نصيب نه ٿيندو لهٰذا حرمين طيبين جو سفر اهلِ ذوق ۽ اهل علم (ڪنهن عاشقِ رسول مفتي صاحب) سان ڪرڻ گهرجي❁پنهنجي ملڪ ۾ به عاشقانِ رَسول جي صحبت ۾ وڌ کان وڌ وقت گذارڻ گهرجي❁الحمد لله! دعوتِ اسلامي جي سنّتن ڀري اجتماعن ۽ مدني مذاڪري ۾ شرڪت سان مديني شريف جي محبت جي چاشني ملندي آهي.

ڪاش! اسان سيني کي❁مديني جو عشق❁مديني جو غم❁مديني جو درد حاصل ٿي وڃي، دل مديني جي يادن ۾ ٻڏل رهي، چپن تي هر وقت بس مدينو، مدينو، مدينو ئي جاري رهي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

# 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

اي عاشقانِ رسول! دل ۾ مديني جو عشق وڌائڻ، مديني جي ياد، مديني جو ذڪر ڪرڻ، گناهن ۽ فضوليات کان بچڻ، چڱي، مقصد واري، سنتن پري ۽ نيڪين واري زندگي گذارڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪم ڪرڻ ۾ به خوب حصو وٺو، دنيا ۽ آخرت جون بي شمار برڪتون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم روزانو نيڪ اعمال جي رسالي مان جائزو وٺڻ به آهي.

نبي پاڪ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جن فرمايو: عقلمند اهو آهي جيڪو پنهنجو مُحاسبو ۽ مرڻ کان بعد جي لاءِ عمل ڪري[1]❁پنهنجي اصلاح ڪرڻ ۽ پاڻ کي شيطان کان بچائڻ جو بهترين طريقو اِهوئي آهي ته اسان پنهنجون عادتون، پنهنجي ڪردار ۽ پنهنجي عملن جو جائزو وٺندا ڪريون. هِن زماني ۾ اميراهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجو جائزو وٺڻ جو آسان طريقو ڏنو آهي: نيڪ اعمال رسالو❁وڏي عُمر جي اسلامي ڀائرن جي لاءِ نيڪ اعمال رسالي ۾ 72 سوال جواب لکيا آهن❁هر سوال هيٺ 30 خانه آهن❁روزانو سوال پڙهي ڪري پنهنجو جائزو وٺو ۽ خانا پرڻا هوندا آهن❁ درست اسلامي زندگي گذارڻ جو هي بهترين نسخو آهي❁ هن جي ذريعي ڪيئي ماڻهن جي اصلاح ٿي چڪي آهي.

توهان هي رسالو خريد ڪيو! نيڪ اعمال جي مطابق روزانو جائزو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻو فائدو ٿيندو❁اخلاق سٺرو ٿيندو❁ڪردار چڱو ٿيندو❁ عادتون بهتر ٿينديون❁نيڪين تي استقامت ملندي❁گناهن کان نفرت ٿيندي❁دل روشن ٿيندي❁الله پاڪ جي محبت نصيب ٿيندي❁عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو❁روحانيت ملندي ۽❁ آخرت جو فڪر نصيب ٿيندو.

---

[1]... ترمذی،ابواب صفة القيامة...الخ، صفحه:583، حديث:2459بتغير قليل۔

## نيڪ اعمال رسالي جي برڪت

ڪراچي جي علائقي نيو ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: علائقي جي مسجد ۾ امام صاحب جيڪي دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته آهن، انهن انفرادي ڪوشش ڪندي (يعني سمجهائيندي) منهنجي وڏي ڀاءُ کي نيڪ اعمال رسالو تحفي ۾ ڏنو، اهو گهر کڻي آيو ۽ پڙهيائين ته حيران رهجي ويو ته هن مختصر رسالي ۾ هڪ مسلمان کي اسلامي زندگي گذارڻ جو ايترو زبردست فارمولو ڏنو ويو آهي، بس نيڪ اعمال رسالو ان جي زندگي ۾ انقلاب آندو ان جي برڪت سان الحمد لله! ان کي نماز جو جذبو مليو ۽ باجماعت نماز جي ادائيگي جي لاءِ مسجد ۾ حاضِر ٿي ويو ۽ هاڻي 5 وقت جو نمازي بڻجي چڪو آهي، ڏاڙهي مبارڪ به سجائي آهي ۽ نيڪ اعمال جو رسالو به پرين ٿا.

نیک اعمال کے عامل پہ ہر دم ہر گھڑی | یاالٰہی! خوب برسا رحمتوں کی تُو جھڑی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مدني قاعده (Madani Qaida) موبائل ايپليڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي I.T ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپليڪيشن به جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: مدني قاعدو (Madani Qaida). هن ايپليڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جي آڊيو (Audio) شامل ڪئي وئي آهي يعني هن ايپليڪيشن ۾ توهان مدني قاعدي جي جنهن اکر يا جنهن لفظ تي ڪلڪ (Click) ڪندا، آڊيو (Audio) ۾ ان جو تَلَفُّظ هلندو، ائين هن ايپليڪيشن جي مدد سان آسانيءَ سان مدني قاعدو پڙهي ڪري، ان جي مشق (Practice) ڪري درست مخارج ۽ ضروري تجويد سکي سگهجي ٿي. هي ايپليڪيشن پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري وٺندا، پاڻ به فائدو حاصل ڪندا ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريندا.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجهه ضروري اعلان

هر چنڇر تي اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ چنڇر تي به مدني چينل تي انشآءَ الله الڪريم هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو جنهن ۾ اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب به عنايت فرمائيندا. تمام ذميداران ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت فرمائين ۽ ٻين کي به دعوت ڏين اميرِ اهلسنت هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ دنيا جي مَحبت رسالي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثال طور WhatsApp وغيره استعمال ڪن ٿا، ربَّ جي رضا ۽ ثواب لاءِ هن رسالي کي ٻين تائين (Share) ڪيو! قرباني ڪرڻ وارن جي لاءِ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هڪ نهايت پيارو رسالو اَبلق گهوڙي سوار تحرير فرمايو آهي. هن رسالي ۾ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه قرباني جي فضيلتن ۽ مسئلن کي وڏي آسان انداز ۾ بيان ڪيو آهي. هي رسالو مڪتبةُ المدينه جي ڪنهن به شاخ تان وڏي سائز ۾ 30 روپيا ۽ ننڍي سائز ۾ 15 روپيا ڏئي طلب ڪيو! اڄ ئي هي رسالو خريد ڪيو! پاڻ به پڙهو! ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ

جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينه تيري سُنّت کا مدينه بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## عمامو شريف ٻڌڻ جون سنتون ۽ آداب

2 فرامين مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو: (1): عمامي سان نماز پڙهڻ 70 هزار نيڪين جي برابر آهي[2] (2): عمامو ٻڌو توهان جي برداشت ڪرڻ جي قوت وڌندي.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! عمامو بيهي ڪري ٻڌو ۽ پاجامو ويهي پايو❁جنهن ان جو اُلٽ ڪيو (يعني عمامو ويهي ٻڌو ۽ پاجامو بيهي پاتائين) اهو اهڙي مرض ۾ مبتلا ٿيندو جنهن جي ڪا دوا ناهي (يعني طبيبن کي دوا جو علم ناهي)❁عمامو شريف ٻڌڻ کان پهريان چڱيون چڱيون نيتون ڪري وٺندا هڪ به چڱي نيت نه هوندي ته ثواب نه ملندو❁مناسب هي آهي ته عمامي جو پهريون وَرُ مٿي جي ساڄي پاسي وڃي❁الله پاڪ جي آخري رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ عمامي جو شملو عام طور تي پُٺيءَ جي پويان هوندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ساڄي پاسي، ڪڏهن ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ 2 شملا هوندا هئا❁کاٻي پاسي شملو لڙڪائڻ سنت جي خلاف آهي❁عمامي جي شملي جي مقدار گهٽ ۾ گهٽ 4 چار انچ ۽ وڌ ۾ وڌ (اڌ پُٺيءَ تائين يعني تقريباً) هڪ هٿ (وچين آڱر کان وٺي ٺونٺ تائين جي ماپ هڪ هٿ چورائيندو آهي)❁عمامو قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي بيهي ٻڌو❁مراٰت شريف ۾ آهي: عمامو بيهي ڪري ٻڌڻ سنت آهي مسجد ۾ ٻڌو يا ڪنهن ٻي جاءِ تي❁عمامي ۾ سنت هي آهي ته اڍائي گز کان گهٽ نه هجي، نه 6 گز کان وڌيڪ ۽ ان جو ٻڌڻ گنبذ وانگر هجي.[4]

---

[1]…تاريخ مدينه دمشق، جلد:9، صفحه:343۔

[2]…مسندالفردوس، جلد:2، صفحه:406، حديث:3805۔

[3]…مستدرڪ، ڪتاب اللباس، جلد:5، صفحه:272، حديث:7488۔

[4]…550سنتيں اور آداب، صفحه:54-56ملتقطاً۔

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جو کتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

قرض ہو گا ادا آ کے مانگو دعا | پاؤ گے برکتیں قافلے میں چلو
قَرض کا بار ہو، بے کسی یار ہو | چاہو گر راحتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

[1]... اَفْضَلُ الصَّلاة، صفحہ:151، خلاصةً.

## (2) سمورا گُناهه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (1)

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (2)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (3)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ

---

[1]... اَفْضَلُ الصَّلاة، صفحہ:65۔

[2]... قَوْلُ البَدِيْع، باب ثانی، صفحہ:277۔

[3]... اَفْضَلُ الصلاة، صفحہ:149۔

سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(1)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(2)

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.(3)

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.(4)

---

[1]… قَوْلُ البَدِيْع، باب اَوَّل، صفحہ:125۔

[2]… الترغيب والترہيب، کتَابُ الذِّکْر والدُّعَا، جلد:2، صفحہ:329، حديث:30۔

[3]… مَجْمَعُ الزَّوائد، کتَابُ الْاَدْعِيَہ، جلد:10، صفحہ:254، حديث:17305۔

[4]… تاريخِ ابْنِ عَسَاکِر، جلد:19، صفحہ:155، حديث:4415۔